مبارڪ علي لاشاري

# هڪ نظم ”ٻيو ڇا ته ڏيئي سگهجي“ جو لسانياتي تجزيو


***Abstract***

**Linguistic analysis of a poem**

*In this paper, the analysis of language patterns in post-modern world of a poem, composed by a poet namely Mushtaq Gabol has been presented.*

*The idea is modern one, in which how the ideas spread out from a thought pattern one creator poet and how those travel in the minds of readers and finally what comes to be the end result.*

*This effort is most modern and a new way of thinking in the world of creativity.*


**ارسطو** چيو هو ته، شاعري فلسفي کان وڌيڪ ڳُوڙهي ۽ منجهيل آهي ۽ شاعري نه رڳو فلسفي کان وڌيڪ گهرائي رکندڙ اظهار جو طريقو آهي،(1) پر شاعري؛ تاريخ کان وڌيڪ ُتڙ ۽ جٽادار پڻ آهي. شاعريءَ جي اونهائي جي انهيءَ ادراڪ کي گهڻ اديبن سمجهيو ۽ پروڙيو آهي. اڻويهين ۽ ويهين صديءَ جي بهترين نقاد ميٿيو آرنلڊ چيو آهي ته، ادب/شاعري زندگيءَ جي تنقيد آهي، اها تنقيد نه فقط شاعري ۽ ادب جي سونهن کي پروڙي ۽ ڇٽو ڪري ٿي پر ان جي سونهن ۾ مختلف هٽڪندڙ ۽ حرڪتن سان گهڙي آيل ڪوجهائين جي سڃاڻپ ۽ ننڍڻ جو ڪم به ڪري ٿي. ادب يا شاعري جيڪڏهن زندگيءَ جي تنقيد جو نالو آهي ته پوءِ اهڙي ادب ۽ خاص ڪري شاعريءَ جا ٻه اهم ڪارج بڻجن ٿا: پهرين ته اهڙو ادب ۽ شاعري هن ڪائنات ۾ موجود شين ۽ انهن جي لقائن ۾ سونهن پسي، ۽ اها سونهن رڳو اک کي پائنڻ، زبان کي ذائقو ڏيڻ ۽ حسن ۽ خواهشن جي تسڪين نه هجي، پر ان ۾ زندگي يا جيوت جي بهتري ۽ مثبت پٽو هجڻ/

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڳولڻ پڻ ضروري آهي، جنهن جو لاڳاپو اجتماعي پس منظر ۾ هجي، نه ڪي انفرادي حاصلات جو حامل. ٻيو ڪارج پڻ پهرين وانگر اهم ۽ باريڪ بينيءَ جو گهرجائو آهي. انهيءَ ڪارج مطابق هن ڪائنات ۾ موجود شين ۽ لقائن جي بدصورتي ۽ منفي رجحانن کي پروڙي ۽ وائکو ڪري. اهو بلڪل ائين آهي جيئن ڪنهن ٻوٽي ۾ موجود گلن ۽ ڪنڊن کي ڏسي، گلن جي خوشبو/واس وٺجي ۽ ڪنڊن کان پاڻ بچائجي ۽ ٻين کي به اهڙو درس ڏئِي اها ڳالهه عام ڪجي.

شاعريءَ جي اهڙن رخن ۽ ڪارجن تي پوري دنيا ۾ خاص ڪري مغربي ۽ يورپي دنيا ۾ صدين پڄاڻان بحث مباحثا، اپياس، تجزيا، تبصرا ۽ تنقيدون هلندڙ آهن ۽ اهڙي ادب ۽ شاعريءَ جي اهميت ۽ افاديت مان ڀرپور لاڀ به پرايو ويو آهي، پر اسان وٽ اهڙا رجحان ناپيد رهيا آهن.

تنقيد نگاري شاعري ۽ افسانوي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ نه فقط ضروري آهي، پر ان جي وجود جو حصو آهي. پر الميو آهي ته، پاڪستان توڙي سنڌ جي ادب ۾ تنقيدي رجحان انتهائي مدي خارج روايتي رهيو آهي، دنيا ۾ ادب جي مختلف صنفن ۾ ڪيل تخليقي عمل ۾ سمايل پيغام جي حوالي سان ڪوڙ سارا تنقيدي علم موجود رهيا آهن جن شاعر جي ذاتي اهميت، حيثيت ۽ سوچ کان ڌار ٿي، سندن شاعريءَ ۾ سمايل پيغام کي پرجهڻ، پروڙڻ ۽ نتيجو ڪڍڻ جا ڪم سرانجام ڏنا آهن پر اسان وٽ پاڪستاني ادب يا سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري صرف اديب جي شخصي سڃاڻپ سان سلهاڙيل رهي آهي ۽ ان موجب ئي فن ۽ ادب يا شاعريءَ جي تشريح ڪئي وئي آهي. اهڙي قسم جي تنقيد نگاري، تبصرو ۽ مطالعو ڪنهن خوبصورت شعر يا سٽ سان شروع ٿي، شاعر جي ذاتي حيثيت، سڃاڻپ يا لاڳاپن تي ڇيهه ڪري ٿي، جنهن جو حاصل مقصد تنقيد ڪندڙ يا نقاد جي پنهنجي سوچ جو اظهار يا شاعر جي شخصي سڃاڻپ هجي ٿي.

هن جديد دور ۾ جتي ٻين سڀني علمن ۽ ترقي ۾ واڌارو ٿيو آهيُ لئي فن ۽ ادب ۾ به اهو گهڻو ٿيو آهي. اهڙي قسم جي ترقي ۽ اوسر ۾ بيشڪ ويهين صدي جي جديديت پسنديءَ جو وڏو هٿ آهي، جنهن اڻويهين صديءَ جي هڪ هٽيءَ واري جمود کي ٽوڙي بغاوتن جي شروعات ڪئي. ويهين صدي، جيڪا اسپيشلائيزيشن (ڪنهن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هڪ ڪم ۾ خاص مهارت) جي دور ڏانهن راغب رهي ۽ هر ميدان ۾ انهيءَ لاڙي تنهائيءَ ڪي جنم ڏنو، جنهن بيشڪ ته انسان جو ڪم ورهايو ۽ لاڳاپيل شعبي ۾ وڌيڪ اونهائيءَ ۽ سنجيدگيءَ سان ڪم جو موقعو ڏنو، انهيءَ اسپيشلائيزيشن هيٺ ٻوليءَ جي سائنسي اڀياس ڪي لسانيات جو نالو ڏئي، ادب کان الڳ ڪيو ويو آهي، جنهن نه رڳو نقصان ڏنو، پر وقتي ڪئي وئي ته ان ڪي طور تي لسانيات، ادب ۽ نقادن ڪي مونجهاري ۾ پڻ وجهي ڇڏيو. انهيءَ پس منظر ۾ جڏهن لسانيات جي ڳالهه ڪئي وئي ته ان ڪي ته ادب کان ڌار ڪيو ويو ۽ جڏهن ادب جي ڳالهه ڪئي وئي ته لسانيات ڪي نظر انداز ڪيو ويو. آخر ڪار جديديت – پڇاڙان Postmodernism جي دؤر ۾ جديديت Modernism جي جمود ڪي ٽنٽو پيو. ڪجهه نقادن ۽ ٻولي ۽ ادب جي ماهرن انهيءَ طرف ڌيان ڌريو ته جڏهن ادب تي ڳالهايو، لکيو ۽ پڙهيو ٿو وڃي ته ڇا لسانيات ان ۾ موجود ناهي؟ يا منجهن لساني خوبيون نه هونديون آهن ڇا؟ ۽ جڏهن لسانيات جي ڳالهه اچي ٿي ته سوال ٿو اڀري ڇا ادب ۽ رابطن جي ذريعي، تهذيب، تمدن ۽ عام گفتگوءَ کان سواءِ ٻه ڪا سائنس يا علم آهي ڇا، جنهن ڪي ان جي پيداوار ۽ ڪارج کان ڌار ڪري سگهجي. مثال طور: حسابن جو علم پڙهائجي ۽ اهو نه ٻڌائجي ته ڳڻپ جو ڪارج ڪٿي ڪٿي ۽ ڪيئن آهي، ٻئنڪن ڪي ڇئجي ته ڳڻپ جو رياضي سان ڪهڙو تعلق، ساڳيءَ ريت ٻوليءَ جو تجزيو ڪنهن ٻه ادب پاري کان سواءِ ٿي نٿو سگهي. جيتوڻيڪ گفتگوءَ ڪي لساني تجزئي جو حصو ڇئي سگهجي ٿو پر گفتگو پڻ ادب بلڪ سماجي ادب جو حصو آهي.

مٿين سموري بحث مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته، ادب؛ ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ کان ڌار يا اڪيلو ناهي ۽ ٻولي ادب ۽ ڪارج کان سواءِ نه هوندي آهي، تنهن ڪري هن دؤر ۾ ڪافي نقادن ڪي ادب ۾ لسانيات ۽ لسانيات ۾ ادب نظر اچي ٿو. نه رڳو لساني تنقيد نگاري ڪي ادب تي لاڳو ڪيو وڃي ٿو، پر ادب جا ماڻ ۽ ماپا لسانيات مان ئي ڳوليا وڃن ٿا. اهو ڪم بنهه نئون ۽ جديد آهي، توڙي جوُ ان تي ايڏو وڏو ڪم نه ٿيو آهي، پر پوءِ ٻه اهو علم ۽ تجزيو وسعتون اختيار ڪري رهيو آهي. اهڙي قسم جي بين الاقوامي اوسر ڪي سمجهڻ، سلهاڙڻ ۽ پنهنجي ادب ۾ متعارف ۽ عام ڪرائڻ هر سنڌي اديب ۽ نقاد جو فرض آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اهڙي قسم جو جديد تجزيو ڪٽي نئين ٿهيءَ جي نمائنده شاعر مشتاق گبول جي نثري نظم 'ٻيو ڇا ٿو ڏيئي سگهجي' تي لاڳو ڪري ڪجھ نتيجا اخذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهڙن جديد نقادن مان هڪ اهم نالو مائيڪل هيليڊي آهي، جنهن موجوده دور جي صرف و نحو جو اڀياس ڪرڻ ڪان پوءِ انهي نتيجي تي پهتو ته، ڪو به صرف و نحو جو نظريو اهو ڪو نه ٿو ٻڌائي ته لفظ، جملا، فقرا ۽ ٻيا صرف ونحوياتي جزا ڪهڙو عمل ڪن ٿا. ان بعد هن هڪ صرف ونحو جو نظريو ڏنو جيڪو Systemic Functional grammar جي نالي سان مشهور ٿيو.(2) چين جي هڪ نقاد Junling Wang مطابق صرف و نحو جا ٻه اهم ۽ اٽوٽ حصا آهن. سندس لفظن ۾:

"Systemic Functional grammar has two components: Systemic grammar and functional grammar. They are two inseparable part for an integral framework of linguistic theory."(3)

(سستمڪ فنڪشنل گرامر جا ٻه جزا آهن: ستمڪ گرائمر ۽ فنڪشل گرامر، اهي ٻئي لساني نظريي جي جوڙجڪ جا انتهائي اٽتر ڀاڱا آهن)

انهيءَ تشريح موجب، اهو نظريو گرامر جي نظام تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ نه فقط اها ڳالھ ڏيڪاريل آهي ته گرامر جو سرشتو ڇا آهي، پر اهو به ٻڌايل آهي ته اهو گرامر ڪهڙو عمل سر انجام ڏئي ٿو، تنهن ڪري هن نظريي مطابق ٻوليءَ ۾ موجود گرامر جو تجزيو ڪرڻ سان گڏوگڏ انهيءَ گرامر ذريعي ادب يا لکڻيءَ ۾ موجود لکل پيغام ڪي پروڙي سگهجي ٿو. هيليڊي (Halliday) جي انهيءَ نظريي کي چين جي هڪ ٻئي نقاد هوزوانگلن (Hu Zhuanglin) هن ريت بيان ڪيو آهي:

"Systemic grammar aims to explain the internal relation is language as system network ،or meaning potential. And this network consists of sub systems from which language users make choices. Functional grammar aims to reveal that language as a means of social interaction ،bases on the position that language system and the forms that make it up are inescapably determined by the use or function which they serve."(4)

سستمڪ گرامر جو مقصد ٻوليءَ ۾ موجود اندرين سرشتي جي جوڙجڪ يا معنياتي قوت جي جوڙجڪ جي وضاحت ڪرڻ آهي ۽ اها جوڙجڪ ماتحت سرشتن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ٻولي استعمال ڪندڙ مرضيءَ موجب لفظن جي چونڊ ڪندا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهن. فنڪشنل گرامر جو مقصد ٻوليءَ ڪي سماجي لهه وچڙ وسيلي پڌرو ڪرڻ آهي، جيڪو انهيءَ ڳالهه تي ٻڌل آهي تہ ٻوليءَ جو سرشتو ۽ اهو نمونو جيڪو انهيءَ ڪي جوڙي ٿو. سو لازمي طور تي پنهنجي افاديت يا عمل سان ٻڌل آهي، جيڪو عمل ٻوليءَ جي استعمال وقت چونڊيو وڃي ٿو، سسٽمڪ گرامر ٻولي جي مڪينزم تي ٻڌل آهي ۽ انهيءَ سرشتي جو جائزو وٺي ٿو، جنهن مان انهيءَ جي عمليت يا انهيءَ جي سماجي لڳ لڳاپن ۽ رابطن جي پرک پئي ٿي.

هن گرامر ۾ فعل ڪي عمل جو نالو ڏنو ويو ۽ ان ڪي ڇهن حصن ۾ ورهايو ويو، جنهن ۾ مکيہ عمل چار آهن. هن عمل تحت ڪنهن بہ ٻوليءَ جي استعمال جي ڇهن عملن: مادي عمل، ذهني/دماغي عمل، لاڳاپائي عمل، لفظي عمل، رويي جو عمل ۽ وجودي/ موجودي عمل ڪي پروڙي سگهجي ٿو. انهن مان هر هڪ جي وضاحت ۽ مثال ڏيڻ هن مقالي جي ڊگهي ٿيڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو. ٿلهي ليکي هن نظريي مطابق ادبي تحريرن توڙي سماجي ٻوليءَ ڪي ٽن مکيہ حصن ۾ سمجهي سگهجي ٿو. پهريون Ideational Function جنهن مطابق معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ، انهي لکڻي يا گفتگوءَ ۾ ڪهڙي ڳالهه ٿئي ٿي ۽ ان ۾ ڪهڙا عمل سرانجام ڏنا وڃن ٿا، ٿين ٿا. ٻيو Interpersonal Function آهي، جنهن موجب ڏسبو آهي تہ، انهيءَ لکڻي ۾ بيان جو انداز ڪهڙو آهي ۽ ان ۾ شريڪ (Participants) ڪير ڪير آهن ۽ سندن حيثيت ڪهڙي آهي. ٽيون Tactical Function آهي، جنهن مطابق انهيءَ تحرير ۾ ڳالهه جو موضوع ڪهڙو آهي، حالتون ڪهڙيون آهن ۽ لاڳاپيل معلومات ڪهڙي آهي. هي نظريو فرڊينبڊي ڊي سوسيئر (Ferdinand De Saussure) جي ساختياتي لسانيات ( Structural Linguistics) مان متاثر ٿيل يا ويجهو آهي، تنهن ڪري شين ۽ لقائن ڪي سرشتن جي محور ۾ ڏسي ٿو، تنهن ڪري هن نظريي جو بنياد آهي تہ ڪنهن بہ شعر يا تحرير ۾ جملن، فقرن، اصطلاحن ۽ لفظن جو جڙاءُ پاڻ مرادو يا بي ساختہ نہ، پر سوچيل سمجهيل ۽ مورثي چونڊ تحت ٿيل هوندو آهي، تنهن ڪري هر هڪ لفظ، اصطلاح، محاورو، جملو، شعر يا تحرير پنهنجي اندر ڪيترن ئي نظامن ڪي لڪايون ويٺو هوندو آهي، تنهن ڪري گرامر يا صرف ونحو جو ڪم آهي تہ ان لڪل معنيٰ ۽ مفهوم جي وضاحت ڪري.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## نظم جو مختصر تعارف:

انهي نظرئي تحت مشتاق گبول جي نظم 'ٻيو ڇا ٿو ڏيئي سگهجي' جوجائزو ونجي ٿو، جيڪو سندس شعري مجموعي 'خوابن جا رنگ' (2010) ۾ شامل آهي.(5)

**"ٻيو ڇا ٿو ڏيئي سگهجي"**

گلن سان ته سندس چاهه ناهي،
تنهنڪري گل قتل ڪري،
سندس آجيان ۾،
پيرن هيٺ اڇلايا وڃن ٿا،
گل،
ڪنهن جنرل جي پيرن هيٺ
لتاڙجڻ لاءِ ته ناهن ٽڙندا!
گلن جيان اسان جي قوم به
هر جنرل جي پيرن هيٺ
لتاڙبي رهي آهي.
انهيءَ لتاڙ کي ڏسي،
اسان جي قوم جا قاتل،
تحفي ۾ ڪنهن جنرل،
يا ڪنهن شڪاريءَ کي،
ٻيو ڇا ٿا ڏيئي سگهن!
سواءِ پنهنجي قوم جي رت ۾ ٻڏل
بندوق ۽ تلوار جي!

نئين نسل جي نمائندي شاعر مشتاق گبول جو معاشري جي ناڪاري ڪارندن تي طنز ڀريو نثري نظم جملي 249 اکرن ۽ عنوان ڪان سواءِ 76 لفظن تي مشتمل آهي. اهو سمورو نظم ٽن مڪمل جملن ۾ سمايل آهي. انهن جملن ۾ ماتحت



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جملا/فقرا بہ آهن. ٽوٽل فقرن جو تعداد 7 آهي، جن ۾ 3 آزاد آهن ۽ 4 ماتحت آهن. انهن جو وچور هيٺين خاڪي ۾ ڏسي سگهجي ٿو:

| فقرا/ محاورا Clauses | فقراتي/ماحوراتي پيچيدگيون Clauses Complex |
|---|---|
| 1-4 ست | 1 +1a +2b |
| 5-7 ست | 1 Nil |
| 8-18ست | 1 +1a + 2b |

خاڪو 1. نظم ۾ موجود آزاد ۽ ماتحت فقرا

جوڙجڪ جي لحاظ کان مشتاق گبول جو نثري نظم جملي 18 سٽن تي سمايل آهي، جنهن ۾ ٽي مڪمل جملا آهن ۽ ست فقرا Clauses آهن. انهن مختصر ۽ ٽورڙن جملن ۽ فقرن ۾ زوردار پيغام جو سمائڻ شاعر جو ڪمال آهي. انهن جملن ۽ فقرن Clauses ۾ جيڪي عملي اظهار Processes ڏيکاريل آهن، اهي ڪُل 7 آهن ۽ انهن سٽن عملن جي هيٺينءَ ريت ورهاست ڪئي وئي آهي:




نظم ۾ موجود عملن جو وچور جيئن تہ خاڪي نمبر 2 مان ڄاڻي سگهجي ٿو تہ جملي ستن عملن مان چئن جو تعلق مادي/حرڪتي عمل سان آهي، هڪ عمل جو تعلق ذهني/دماغي سان، هڪ لاڳاپياتي ۽ هڪ جو تعلق وجودي/ عمل سان آهي. سيڪڙي جي حساب سان وچور هيٺين ريت بيهي ٿو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

3. مادي 57.14

3. وجودي 14.28

3. ذهني 14.28

4. لاڳاپائي 14.28

ڪُل ست جن مان عمل چئن تي 100 %

مٿين تجزئي ۾ آيل خاڪي نمبر ٻئي ۾ سراسري سيڪڙي جي حساب سان حاصل ڪيل نتيجن مان واضح ٿئي ٿو ته مادي/ حرڪتي عمل جي جهجهي تعداد ۾ موجودگي سماج جي ڪارندن ۾ منفي حرڪتن جو گهٽي تعداد ۾ وجود موجود آهي، جنهن جو تجزيو اجا اڳتي هلي نتيجن ۾ ڪيو ويندو ڇو ته هن نظم ۾ فاعل يعني عمل ڪرڻ وارو ۽ مفعول يعني عمل جو شڪار ٿيندڙ ٻه ڌار ڌار ۽ متضاد شيون آهن، جنهن جو ٽڪر ئي سماج جي پٺتي هجڻ جو نتيجو آهي. هاڻي اچو ته انهيءَ نثري نظم ۾ موجود لغوي لاڳاپا ڏسون، جيڪي اڳ ۾ ذڪر ٿيل ڳالهه ۽ پوئين ذڪر ٿيندڙ موضوع کي ڳنڍين ٿيون ۽ ٻيون لغوي خوبصورتيون آڻين ٿيون. وڌيڪ وضاحت هن ريت آهي:

| نمبر شمار | ڪڙي جا قسم | لغوي عنصر | ٽوٽل |
|---|---|---|---|
| 01 | صفت | هر، انهي، اسان جي، ڪنهن، ڪنهن، پنهنجي، ٻڏل | 7 |
| 02 | محسوساتي | چاهه، ڏسي، لتاڙ | 03 |
| 03 | شرڪاءُ (تذڪري جا طريقا) | گلن، سندس، سندس، گل، جنرل، گلن، قوم، جنرل، قوم، قاتل، جنرل، شڪاري، بندوق، تلوار | 14 |
| 04 | ماڊلٽي | ڏيئي سگهن | 01 |
| 05 | ڇوڻ | ڪو ٻه ٽه | 00 |
| 06 | وقت | _ | x |
| 07 | عملي/حرڪت | قتل ڪرڻ، اڇلايا وڃن، ٽڙڻ، لتاڙجڻ | 04 |
| 08 | وجودي | ناهي | 01 |
| 09 | فطرتي شيون | گل | 01 |
| 10 | چرپر/حرڪت | _ | x |
| 11 | مفاصلو | _ | x |

خاڪو 3. نظم ۾ لغوي ڪڙيون

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خاڪي نمبر ٽئين ۾ موجود لغوي عنصرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ڪيئن مختلف ڪڙيون نظم کي لفظي توڙي خيالي حوالي سان ُپراثر بڻائين ٿيون ۽ ڪيئن مختلف خيالن کي جوڙي هڪ مڪمل پيغام رسائين ٿيون. خاڪي ۾ آيل لغوي ڪڙين کان سواءِ ڪجهه ٻيا Cohesive لفظ جهڙوڪ 'تنهنڪري'، 'انهي' ۽ 'سوا' جهڙن لفظن جو جڙاءُ ڳالهه ۾ تسلسل پيدا ڪري ٿو. ان کان سواءِ ڪجهه لفظ جيڪي ڳالهه تي زور پرين ٿا سي به نظماٽي جوڙجڪ جو حصو آهن، ۾ 'ته'، 'ته' ۽ 'به' شامل آهن. انهن سيني مٿي ذڪر ڪيل ٻولي جي خوبين مان جيڪي مک موضوع آهن، تن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:




خاڪو4. افقي ۽ قطبي لاڳاپا

خاڪي نمبر چوٿين مان فطرت جي  خوبصورت شيءِ 'گل' مان، سندس وجود جهڙي خوبصورت شيءِ قوم جنم وٺي ٿي. جنهن نموني گل جو تعلق هڪ ٻوٽي ۽ جاندار شيءِ آهي تنهن جي آبياري لاءِ احساس ۽ خيال رکڻ جي ضرورت آهي، تهڙي طرح قوم کي به احساس آهي، پر ان جي به آبياري جي ضرورت آهي، نه ته اها به گل جيان ڪومائجي ويندي آهي ۽ فنا ٿي ويندي آهي، جهڙيءَ ريت تاريخي طور تي جيڪي قومون هزارين سال اڳ وجود رکنديون هيون، سي فنا ٿي ويون آهن يا سندن اها حيثيت نه رهي آهي، مثال طور، رومن، بازنطيني، منگول، تاتاري، آريا وغيره وغيره.ُ لفقي طرح فطرت جي خوبصورت شيءِ گل جيان قوم جو جنم سٺن قدرن ۽ روايتن مان ٿئي ٿو تهڙيءَ طرح انهن قومن ۾ ناڪاري ۽ تباهڪار عنصر به جنم وٺن ٿا، جهڙوڪ: جنرل

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ شڪاري. جنرل جو تصور ٽوٽي جو مفهوم قوم جي هيرو طور ٿي سگهي ٿو، پر شاعر لفظ جنرل خاص طور چونڊيو آهي، ڇاڪاڻ ته ان سان ناڪاري پاسي جو سولائيءَ سان نڪري ٿو، پر جيڪڏهن هن 'جنرل' بدران ناڪاري 'سپهه سالار' ، 'رهنما'، 'اڳواڻ'، 'هيرو'، 'مڙس ماڻهو' چوندي ها ته نظم ۾ جنرل جي ويجهي لفظ شڪاري سان سندس لاڳاپو قائم نه ٿي سگهي ها ۽ انهيءَ لفظ مان ناڪاري پهلو يا طنزيه تاثر پيدا نه ٿئي ها. جيڪو انهن لفظن سان ميلاپ جي صورت ۾ ٿيو آهي.

نظم ۾ مجموعي طور بحث هيٺ آيل خيالن: گل، قوم، جنرل ۽ شڪاري، هڪ پاسي تصور 'گل ۽ قوم' جو ٻئي طرف 'جنرل ۽ شڪاري' جو آهي، يعني 'گل ۽ قوم بمقابله جنرل ۽ شڪاري'.

پهريون جوڙو احساسن، جذبن ۽ مثبت شين جون گهرجائو آهن، جڏهن ته پويون شيون احساسن ۽ جذبن کان عاري ۽ غلط يا صحيح عملن جا پوڄاري ۽ عادي آهن.

جيتوڻيڪ نظم ۾ ڪٿي به گل ۽ قوم جي مشابهت نه ٿيل آهي، پر ٻنهي جي مجهولي حالت ۽ بيوسي مان ٻنهي جي هڪ جهڙي حيثيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته ٻنهي کي استعمال ڪيو ويجي ٿو، ٻنهي کي صدين لتاڙيو ويو آهي، ٻنهي جي معاشري جي وڏيرن، ميرن ۽ پيرن وٽ جي ملهيون وڪيون ۽ لتاڙيون ويو آهي، انهيءَ ڳالهه جو اظهار نظم جي عنوان 'ٻيو ڇا ٿي ڏيئي سگهجي' ۽ پڇاڙي ۾ ٿيل آهي ته 'بندوق ۽ تلوار' اهي قيمتي شيون آهن جن سان گلن ۽ قوم کي قتل ڪيو ويو آهي. هتي هڪ ٻي متضاد شيءِ به ظاهر ٿئي ٿي ته جنهن شيءِ يا جن اوزارن ۽ هٿيارن سان قيمتي ۽ لازوال شين جو قتل ڪيو ويو، اهي شيون ته ڏاڍيون قيمتي، پر ساڳئي وقت 'گلن' ۽ 'قوم' جي قتل يا لتاڙجڻ تي ڪين ذرو به ملامت جو احساس نه ٿو ٿئي، يا جيڏو ملهه 'تلوار' ۽ 'بندوق' جو تصور ڪيو ٿو وڃي 'اوتري' اهميت قوم ۽ گل کي بنهه ناهي.

ان کان سواءِ جيڪڏهن عملن واري خاڪي ڀئي کي ڏسجي ته ان ۾ مادي عمل جو گهڻو تعداد هجڻ ۽ ان ۾ عمل جهڙوڪ: 'قتل ڪرڻ، اڇلائڻ، لتاڙڻ ۽ ڏيڻ' وارا لفظ ڪنورتا ۽ تاريخي بي رحميءَ جو ثبوت ڏين ٿا. قومن تي اتساهه پڇاڻان 'شڪاري' ۽ 'جنرلن'، وجودي يعني 'ناهي' يعني 'گلن سان ته سندن ڇاهه ناهي' به ناڪاري اثر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي، جيڪو پڻ ڪتورتا ئي ۽ بي احساسي جو اظهار آهي. ان ڪان پوءِ ’ڏسي‘ لفظ جيڪو ذهني عمل جو حصو آهي، جنهن ۾ احساساتي عنصر ملي ٿو، سو پڻ ارادي جي حوالي سان ناڪاري لاڙن ڏانهن ڇڪي وڃي ٿو، يعني هي لفظ سبب ۽ نتيجن جو رد عمل آهي، تہ جنهن شيءِ کي جيڪا شيءِ ڏجي يا ڏيکارجي، نفسياتي طور تي اهڙو ئي رد عمل سامهون ايندو، مثال طور نظم جون هي سٽون:

”انهي لتاڙ کي ’ڏسي‘
اسان جي قوم جا قاتل
تحفي ۾ ڪنهن جنرل.
يا ڪنهن شڪاريءَ کي،
ہيو ڇا تا ڏيئي سگهن!“

يعني جيڪا تاريخي لتاڙ هن قوم جي ٿيندي آئي آهي، تنهن لتاڙ جو انصاف يا بدلو نہ ورتو ويو آهي ۽ قاتل ۽ قوم دشمنن کي اهڙي لتاڙ نہ صرف ڦٻندي آئي آهي، پر سندن بهترين مشغلو رهيو آهي، تنهن ڪري هر دور ۾ ايندڙ حاڪمن انهيءَ لتاڙ کي ’ڏسي‘ يعني انهيءَ سبب کي لاڀائتو ۽ ڪارائتو سمجهي جاري رکيو آهي، تنهن ڪري انهيءَ لتاڙ جو سلسلو جاري آهي.

خاڪي نمبر ٽئين ۾ آيل لغوي ڪڙيون پڻ دلچسپ آهن، جن ۾ تعداد ۾ گهٽيون صفتون ۽ گهٽي شراڪت پڻ ناڪاري اثرن جي آهي ڇاڪاڻ تہ گهٽا دفعا ورجايل لفظ ’جنرل‘ ’سندس‘ ’هر‘ ’ڪنهن‘ وغيره جو تعلق انهن گل - دشمن عنصرن سان آهي ۽ ان ڪان سواءِ وقت جو ڪو بہ ذڪر نہ ڪرڻ ۽ سمورو نظم زمان حال ۾ هجڻ انهيءَ ڳالھ جو ثبوت آهي تہ اهو عمل ڪنهن مخصوص دور يا زمان جو حصو نہ، پر ڪائناتي حقيقت آهي ڇو تہ جڏهن ڪنهن عام حقيقت يا ڪائناتي حقيقت جي ڳالھ ڪجي ٿي تہ هميشہ زمان حال ۾ ئي بيان ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ جملي کي پلي مجهولي صورت ۾ رکو/بدلايو يا بيانيہ انداز کي سڌي يا اڻ سڌيءَ ريت رکو، پر عام حقيقت ساڳي ئي رهندي ۽ ان جو زمان ڪڏهن حال ڪان بدلجي ماضي يا مستقبل نہ ٿيندو. مثال طور اسين چئون ٿا: ”ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي“ کي اسان ائين نٿا چئي سگهون تہ، ڌرتي سج جي چوڌاري گردش ڪندي هئي يا ايئن بہ نٿا چئي سگهون تہ ”ڌرتي سج جي چوڌاري گردش ڪندي“، بيشڪ تہ اسين اظهار جا نمونا تبديل ڪريون، پر عام ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مجيل حقيقت هميشہ زمان حال ۾ ٻڌائي ويندي آهي. تنهن ڪري شاعر طرفان هڪڙي تاريخي حقيقت جي اظهار لاءِ زمان حال جو سهارو وٺڻ غير شعوري ۽ پاڻ مرادو نہ، پر سندس شاعراڻي صلاحيت، قوت ۽ ادراڪ جو نتيجو آهي. آسٽريلوي صرف و نحو جي ماهر مائيڪل هيليڊي پڻ اها ئي ڳالهہ ڪري ٿو تہ ليڪڪ، ڳالهائيندڙ يا ٻوليءَ ڪي استعمال ڪندڙ فرد وٽ قطبي توڙي افقي طور سوين لفظ موجود هوندا آهن، پر هو اظهار لاءِ انهن سوين طريقن مان انتهائي موزون لفظ چونڊيندو آهي.

نتيجي طور اهو چئي سگهجي ٿو تہ هي نظم 'ٻيو ڇا ٿو ڏيئي سگهجي' شاعر جي اونهي ذهني اپياسي ٻوليءَ جي استعمال جو نتيجو آهي. ان ۾ شاعر گل ۽ قوم ڪي ڄاڻي واڻي مجهولي حالت ۾ رکي ويو ۽ ان تي ظلم ڪندڙ قوتن سان حرڪت تي اهڙا عمل منسوب ڪري ٿو جيڪي سندن ڪنورتا ۽ ظلم جو اظهار ڪن ٿا ۽ ظلم هيٺ آيل عنصرن سان همدردي پيدا ٿئي ٿي. ان ڪان سواءِ هن نظم ذريعي شاعر پڙهندڙ جي واتان اها وارتا بيان ڪري ٿو ڄڻ تہ اها ڳالهہ شاعر نہ پر پڙهندڙ خود چئي رهيو آهي ڇو تہ نظم ۾ ڪٿي بہ شاعر پڙهندڙ سان 'تون' يا 'توهان' ذريعي مخاطب ٿي پاڻ کي الڳ نہ پانيو آهي ۽ ڪٿي بہ پنهنجي الڳ موجودگيءَ جو اظهار نٿو ڪري، جهڙوڪ ڪٿي بہ 'مان' ۽ 'آئون' جو اظهار ڪونهي. ان ڪان سواءِ نظم جي وقت يا زمان جو تعين ابدي سچ وارو آهي، يعني زمان حال جو چونڊڻ . ان ڪان سواءِ نظم جي ٻوليءَ ۾ ڪي بہ وڏيون تشبيهون ۽ استعارا ناهن، تنهن ڪري نظم جو پيغام وڏيرن، وزيرن، ميرن، پيرن، جنرلن تي طنز آهي، جنهن کي پڙهندڙ آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو. اها سولائيءَ پاڻ مرادو نہ آئي آهي، پر ان 'سولائيءَ' پٺيان گرامر ۽ ٻوليءَ جون خوبيون لڪل آهن، جن کي مٿي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## References:


1. Aristotle (-) the Poetics.
2. Halliday ،M.A.K (197) Linguistic Function and literary style. Peking University Press.
3. Wang, J. (2010). A critical discourse analysis of Barrack Obama’s speeches. Finland: Academy Publications.
4. Hu Zhuanglin 1988) A Course of linguistics. Peking University Press.
5. Gabol ،M. (2010) *Khwaban ja Rang*. Dadu. Rim Jhim Publication


Shah Abdul Latif Bhitai Chair